SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريه 1983

SINDH ORDINANCE NO. X OF 1983

سنڌ آبپاشي (ترميم) آرڊيننس، 1983

THE SINDH IRRIGATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1983

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 1879 جي دفعه نمبر 15_A جو اضافو

Addition of section of 15_A in Sind Act, VII of 1879

3. پاڻي ڪڍڻ ريٽ جي وصولي

Levy of drainage rate

سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريہ 1983

SINDH ORDINANCE NO. X OF 1983

سنڌ آبپاشي (ترميم) آرڊيننس، 1983

THE SINDH IRRIGATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1983

[21 آگسٽ 1983]

آرڊيننس جنهن سان سنڌ آبپاشي ايڪٽ، 1879 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن جي ذريعي سنڌ آبپاشي ايڪٽ، 1879، ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي. جنهن کي هن طرح سان عمل ۾ آندو ويندو.

ان ڪري هاڻي 5 جولائي 1977 جي اعلان ۽ عبوري آئين 1981 جي حڪم جي روشني ۾ سنڌ جو گورنر خوشيءَ سان هن آرڊيننس کي نافذ فرمائي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ آبپاشي (ترميم) آرڊيننس، 1983 سڏيو ويندو.

commencement

(2) هي في فوري العمل نافذ ٿيندو هن کي اپريل، 1983 جي پهرين ڏينهن کان لاڳو سمجهيو ويندو.

سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ1879 جي دفعہ نمبر A_15 جو اضافو
Addition of section of 15_A in Sind Act, VII of 1879

2. سنڌ آبپاشي ايڪٽ، 1879 ۾ دفعہ 15 کانپوءِ هيٺين نئين دفعہ جو اضافو ڪيو ويندو.

پاڻي ڪڍڻ ريٽ جي وصولي
Levy of drainage rate

"15_A(1) حڪومت اهڙي زمين تي ڊرينيج ريٽ لاڳو ڪري سگهي ٿي، جيڪا سر تي ضابطي رکڻ ۽ زمين کي آبادي‌ءَ ڪرڻ لائق بڻائڻ واري پراجيڪٽ جي حدن ۾ واقع آهي ۽ جنهن کي ڊرينيج سهولتون ٿيوب ويلن يا نالن ذريعي مهيا ڪيون ويون آهن.

حڪومت پاران ڏنل انهن سهولتن بابت نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ کانپوءِ پهرين ٻن موسمي فصلن تي ڪو اگهہ لاڳو نہ ڪيو ويندو.

(2) حڪومت هن دفعي جي تحت طئي ڪيل قاعدن جي مطابق ادا شده رقم، ليند روينيو جي بقايائن طور وصول ڪندي.

نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.